ڊاڪٽر الھ وسايو سومرو

# شاھ جي رسالي جي قلمي نسخي جو تنقيدي جائزو


***Abstract:***

Analytical Study of Manuscript of Shah Jo Risalo

*This manuscript of Shah Jo Risalo is in two volumes. In first volume there are thirteen (13) chapters (surs) and in its second volume there are twenty six (26) chapters (26) surece, in this way there are thirty nine chapters (39) sues collectively total number of Distance 231 verses/baits is 5225 and waa-ee is 373. This manuscript was written and compiled by Dodo Faqeer Son of Aarab Faqeer Timrani resident of Bhitshah, and this work was done by on the personal interest and recommendation of Sayed Ghulam Shah son of Peer Sayed Ali Bux Shah (re.sajjadah Nasheen of Bhit Shah). The work of compilation was started in 1942 and finished in November 1954. for this work help was taken prim Ganj Shareef and also manuscript of Meyain Hussain. Before this paper, this manuscript was unknown and also remained in the property and possession of mentioned heritors of Shah Abdul Latif. In this paper both volumes are analyzed and some new facts and things are descended.*


’**شاھ جو رسالو**‘ جا ھن وقت تائين ڪيترائي ڇاپا مختلف محققن، دانشورن ۽ شاھ جي ڪلام جي پارکن پاران ترتيب ڏئي ڇپرايا ويا آھن. جيڪي اصل ۾ ’گنج‘ يا ڪنھن ٻئي قلمي نسخي جي مدد سان منظر عام تي آيا آھن. زير مطالعي قلمي نسخو ھڪ اھڙو قلمي نسخو آھي، جيڪو شاھ عبداللطيف جي پونئيرن، وارثن ۽ گادي نشين ڪان مليو آھي. ان قلمي نسخي جي اصل ڪاپي سيد عاشق علي ۽ سندس پائرن وٽ آھي، جا سندن ڏاڏي ميان غلام شاھ ولد پير ميان علي بخش شاھ صاحب ترتيب ڏياري ۽ لکرائي.

ھن قلمي نسخي جا ماخذ گنج شريف ۽ ميين حُسين وارو اصل قلمي نسخو آھي. ھن قلمي نسخي جو ڪاتب فقير دودو خان (ملازم) ولد عارب فقير تمراڻي





ساڪن ڀٽَ شريف آھي. دودو خان، اسسٽنٽ ڊيپوٽي ايڊيوڪيشنل آفيسر تعلقہ ٽنڊو باگو، ٽنڊہ ڊويزن، ضلعو حيدرآباد سنڌ، ٿي رھيو آھي. ھي قلمي نسخو ٻن جلدن تي ٻڌل آھي. پھرئين جلد جي شروع واري ٻئي صفحي تي ھن قلمي نسخي جي باري ۾ ھن طرح تحرير ٿيل آھي:

”ھي رسالو شريف مرشد سائين جناب شاھ عبداللطيف ڀٽائي صاحب رحمتہ الله عليہ جن جو اصل رسالہ ميين حُسَين واري جيڪو رسالہ سجاده نشين مرحوم سيد پير ميان علي بخش شاھ صاحب ولد مرحوم ميان لطف علي شاھ صاحب جن وٽ رھندو ھو، اُن تان ۽ گنج شريف تان پير صاحب ميان غلام شاھ ولد پير ميان علي بخش شاھ صاحب جن جي فرمودي موجب تاريخ ۲۵ ربيع الآخر ۱۳۶۱ ھجري مطابق ۱۳ مئي ۱۹۴۲ع تي لکڻ شروع ڪيو ويو.“

ھڪ سال جي محنت بعد پھريون جلد لکيو ويو، جنھن ۾ تيرنھن سُر ۽ ۷۲۰ صفحن تي لکيل آھن. پھرئين جلد ۾ ھيٺيان سُر ترتيب ڏيئي لکيا ويا آھن: (۱) سُر ڪلياڻ (۲) سُريمن (۳) سُر کنڀات (۴) سُر راڳ (۵) سُر ساموندي (۶) سُرسھڻي (۷) سُر سارنگ (۸) سُر ڪيڏارو (۹) سُر آبري (۱۰) سُر معذوري (۱۱) سُر ديسي (۱۲) سُر ڪوھياري (۱۳) سُر حسيني. ھنن سُرن جا نالا قلمي نسخي مطابق جيئن جو تيئن لکيا ويا آھن. پھرئين جلد جي آخري صفحي نمبر ۷۲۰ تي سُر حسينيءَ جي پوري ٿيڻ تي ڪاتب رسالي جي ڪم جي باري ۾ ھن طرح تحرير ڪري ٿو تہ:

”ھي رسالہ شريف مرشد ساءِ جناب شاھ عبداللطيف ڀٽائي صاحب جن پھريون ڀاڱو سُر حُسيني تائين اڄ تاريخ ۲۷ ربيع الآخر ۱۳۶۲ ھجري مطابق ۳ مئي ۱۹۴۳ع جي لکي تيار ڪري جلد ٻڌايو ويو آھي.“ (نوسينده حقير پُر تقمير دودو فقير (ماستر) ولد عارب فقير ساڪن ڀٽ شريف قديمي ملازم لطيفي عليہ الرحمتہ ’تمت با الخير‘)

ھن قلمي نسخي جي ٻئي جلد ۾ ڪل ۷۴۷صفحا آھن ، پر ڪاتب صفحن جي نمبرن جو تسلسل پھرئين جلد ڪان جاري رکيو آھي ۽ ھن ٻئي جلد جي پڇاڙي تي صفحن جو ڪل تعداد ۱۴۸۷ آھي. ٻئي جلد ۾ وڌيڪ ۲۶ سُر ڏنا ويا آھن. اھڙي طرح شاھ جي رسالي جي قلمي نسخي جي ٻنھي جلدن ۾ سُرن جو ڪل تعداد ۳۹ آھي. جڏھن تہ ھن کان اڳ ۾ يا بعد ۾ ڇپيل يا قلمي نسخن ۾ سُرن جو تعداد ۴۴ ملي ٿو. مرزا قليچ بيگ واري

ترتيب ڏنل شاهہ جي رسالي ۾ سُرن جو تعداد ۳۷ آهي، ڊاڪٽر گُربخشاڻي واري رسالي ۾ سُرن جو تعداد ۱۷ آهي، سندس صاحب جو ترتيب ڏنل شاهہ جو رسالو جو هڪ جلد اٽلي آهي. غلام محمد شاهواڻي ۽ ڪلياڻ آڏوڻيءَ جي ترتيب ڏنل شاهہ جي رسالي ۾ سُرن جو تعداد ۳۰ آهي. هن قلمي نسخي جي ٻئي جلد ۾ هيٺين وڏيڪ ۲۴ سُرن جا نالا هن طرح آهن: (۱) سُر سورٺ، (۲) سُر برؤو هنديِ، (۳) سُر برؤو سنڌي ، (۴) سُر راڻو، (۵) سُر ڏول مارئي، (۶) سُر هير رانجهو، (۷) سُر ڪاهوڙي، (۸) سُر رامڪلي، (۹) سُر رپ، (۱۰) سُر ليلان، (۱۱) سُر بلاول، (۱۲) سُر ڏهر، (۱۳) سُر ڪاپائتي، (۱۴) سُر وهاڳڙو پرياتي، (۱۵) سُر سيراج، (۱۶) سُر ڪانرو، (۱۷) سُر ڪنوري، (۱۸) سُر گهاتو، (۱۹) سُر شينهن ڪيڏارو، (۲۰) سُر آسا، (۲۱) سُر مارئي، (۲۲) سُر ڏناسري، (۲۳) سُر پورب، (۲۴) سُر ڪاموڏ، (۲۵) سُر ڪارايل ۽ (۲۶) سُر بَسنت.

هن ٻئي جلد جي پوري ٿيڻ واري صفحي تي ڪاتب جيڪا تاريخ تحرير ڪئي آهي سا ۱۱ ربيع الاول ۱۳۷۴ھ بروز سومر مطابق ۸ نومبر ۱۹۵۴ع آهي.

هن قلمي نسخي جي لکڻ جي شروعات مئي ۱۹۴۲ع ۾ ٿي ۽ اٽڪل ساڍا ٻارهن سال جي مسلسل محنت بعد هن قلمي نسخي جا ٻئي جلد مڪمل طرح تيار ڪيا ويا. هن قلمي نسخي ۾ شاهہ جي رسالي جي سُرن، داستانن، وائين ۽ بيتن جو وچور هيٺئين جدول ۾ جلد پهريون ڏجي ٿو:

| جريان نمبر | سر جو نالو | داستان جو تعداد | بيتن جو تعداد | وائين جو تعداد |
|---|---|---|---|---|
| ۱ | ڪلياڻ | ۰۳ | ۸۷ | ۰۸ |
| ۲ | يمن | ۰۸ | ۲۹۰ | ۱۴ |
| ۳ | ڪنيات | ۰۲ | ۱۰۷ | ۰۸ |
| ۴ | سرراڳ | ۰۸ | ۱۶۳ | ۱۴ |
| ۵ | سامونڊي | ۰۵ | ۱۰۷ | ۱۴ |
| ۶ | سهڻي | ۱۳ | ۳۳۳ | ۲۸ |
| ۷ | سارنگ | ۰۵ | ۱۰۲ | ۰۷ |
| ۸ | ڪيڏارو | ۰۶ | ۸۹ | ۰۶ |
| ۹ | آبري | ۱۰ | ۱۸۳ | ۱۷ |
| ۱۰ | معذور | ۱۱ | ۲۱۲ | ۱۳ |
| ۱۱ | ديسي | ۱۶ | ۳۸۴ | ۱۴ |
| ۱۲ | ڪوهياري | ۰۶ | ۱۰۰ | ۱۰ |
| ۱۳ | حُسيني | ۱۴ | ۳۶۳ | ۲۹ |
| جملي پهرئين جلد | سرن جو تعداد | ۱۰۷ | ۲۵۲۰ | ۱۸۲ |





**جلد ٻيو:**

| جريان نمبر | سُر جو نالو | داستانن جو تعداد | بيتن جو تعداد | وائين جو تعداد |
|---|---|---|---|---|
| ۱۴ | سورٺ | ۰۵ | ۹۵ | ۰۷ |
| ۱۵ | برؤو هندي | ۰۶ | ۱۴۵ | ۰۸ |
| ۱۶ | برؤو سنڌي | ۰۵ | ۹۳ | ۰۶ |
| ۱۷ | راڻو | ۱۲ | ۲۶۳ | ۱۳ |
| ۱۸ | ڏول مارئي | ۰۱ | ۲۶ | ۰۲ |
| ۱۹ | هير رانجهو | ۰۳ | ۵۷ | ۰۸ |
| ۲۰ | ڪاهوڙي | ۰۶ | ۱۲۰ | ۰۷ |
| ۲۱ | رامڪلي | ۱۶ | ۳۹۹ | ۲۵ |
| ۲۲ | رپ | ۰۲ | ۵۲ | ۰۷ |
| ۲۳ | ليلان | ۰۴ | ۱۰۹ | ۰۳ |
| ۲۴ | بلاول | ۰۴ | ۸۷ | ۰۶ |
| ۲۵ | ڏهر | ۰۹ | ۱۹۵ | ۱۰ |
| ۲۶ | ڪاپائتي | ۰۱ | ۴۲ | ۰۲ |
| ۲۷ | وهاڳڙو پرياتي | ۰۱ | ۴۵ | ۰۲ |
| ۲۸ | سيراج | ۰۱ | ۰۴ | ۰۲ |
| ۲۹ | ڪانرو | ۰۱ | ۰۲ | ۰۱ |
| ۳۰ | ڪنوري | ۰۱ | ۰۴ | ۰۱ |
| ۳۱ | گهاتو | ۰۱ | ۲۷ | ۰۲ |
| ۳۲ | شينهن ڪيڏارو | ۰۱ | ۲۲ | ۰۰ |
| ۳۳ | آسا | ۰۷ | ۱۸۲ | ۱۱ |
| ۳۴ | مارئي | ۲۲ | ۴۴۸ | ۳۱ |
| ۳۵ | ڏناسري | ۰۴ | ۷۱ | ۱۱ |
| ۳۶ | پورب | ۰۳ | ۶۰ | ۱۴ |
| ۳۷ | ڪاموڏ | ۰۳ | ۷۴ | ۰۵ |
| ۳۸ | ڪارايل | ۰۴ | ۹۳ | ۰۶ |
| ۳۹ | بسنت | ۰۱ | ۱۰ | ۰۱ |
| جلد ٻئي | جملي تعداد | ۱۲۴ | ۲۷۲۵ | ۱۹۱ |
| جلد پهريون | جملي تعداد | ۱۰۷ | ۲۵۲۰ | ۱۸۲ |
| جملي | تعداد | ۲۳۱ | ۵۲۴۵ | ۳۷۳ |

مٿئين ڏنل جدول مان معلوم ٿيو تہ هن قلمي نسخي ۾ داستانن جو ڪل تعداد

آهي ٻه سَو ايڪٽيهه (٢٣١)، بيتن جو ڪل تعداد پنج هزار ٻه سَو پنجيتاليهه (٥٢٤٥) آهي ۽ وائين جو ڪل تعداد ٽي سَو ٽيهتر (٣٧٣) آهي.

هن قلمي نسخي کان اڳ ۾،ڪنهن ٻئي قلمي نسخي، توڙي ڇپيل نسخن ۾ داستانن، بيتن ۽ وائين جو ايترو گهٽ تعداد آڏو نہ آيو آهي. هن قلمي نسخي کان اڳ ۾ شاهه جي رسالي جي مختلف شارحن ۽ محققن ڄاڻايو آهي تہ شاهه صاحب جڏهن وجد ۾ ايندو هو تہ ڪلام چوندو هو ۽ ان وقت موجود سندس فقير، سندس چيل ڪلام تحرير ڪري وٺندا هئا. ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو تہ: "عام اعتقاد آهي تہ شاهه وفات کان ٿورو اڳ، رسالي جا نسخا فقيرن کان وٺي 'ڪراڙ' جي ڍنڍ ۾ اُڇلائي ڇڏيا، ڇو تہ اهو خيال اچي پيس تہ متان ماڻهو سندس معنوي ڪلام جي رمز نہ پروڙي، گمراهي ۾ گرفتار ٿين."(١)

هن واقعي جي باري ۾ مختلف روايتون ملن ٿيون. ڪن جي چوڻ موجب رسالي جوڪجهه ڪلام ڪنهن فقير وٽ رهجي ويو هو ۽ ڪن جي چوڻ موجب رسالي جي مواد جي ڪراڙ ڍنڍ ۾ اڇلائڻ تي عقيدتمندن، مُريدن ۽ فقيرن شاهه صاحب آڏو واويلا ڪئي ۽ پُڪار ڪئي. شاهه صاحب کي مٿن ترس آيو ۽ پنهنجي هڪ مريدياڻيءَ نالي مائي نيامت (نعمت)، جنهن کي شاهه جي ڪلام جو ڪُجهه حصو ياد هو، فرمايو تہ فقيرن کي اهو لکرائي. جڏهن اهو قلمي نسخو لکجي تيار ٿيو تہ شاهه صاحب آڏو پيش ڪيو ويو، جنهن پنهنجي نظر مان ڪڍي تصديق ڪئي تہ سندس ڪلام صحيح نقل ڪيو ويو آهي. جنهن کي 'گنج' سڏيو وڃي ٿو، جيڪو تمر فقير جي حفاظت ۾ ڇڏيو ويو ۽ چون ٿا تہ اڄ تائين اهو اصل نسخو تمر فقير جي پونئيرن وٽ محفوظ آهي.

'گنج' ۾ شاهه صاحب جو ڪلام بنا ڪنهن ترتيب يا سلسلي جي درج ڪيل آهي. جنهن کي شاهه صاحب جي وفات بعد سُتت ئي سندس فقيرن بيتن کي مضمون مطابق ترتيب ڏئي مختلف سُرن جي صورت ۾ آندو.

مٿئين بيان مان اهو واضح آهي تہ مائي نيامت کي جيڪو بہ شاهه جو ڪلام ياد هو سو تہ نقل ڪري 'گنج' جي صورت ۾ محفوظ ڪيو ويو، پر شاهه صاحب جو ٻيو ڪلام جيڪو مائي نيامت کي ياد نہ هو يا وري لکرائڻ کان رهجي ويو، سو ڪيڏانهن ويو؟ ان بابت چيو وڃي ٿو تہ شاهه صاحب جي فقيرن کي بہ ڪجهه ڪلام ياد هو، جنهن





کي شاهه صاحب جي وفات بعد مختلف قلمي نسخن جي صورت ۾ آندو ويو. بعد ۾ مختلف محققن ۽ شارحن پنهنجي علمي قابليت ۽ ڄاڻ آهر شاهه لطيف جي مختلف سرن بابت مختلف ويچار پيش ڪيا، جن ۾ تضاد ۽ اختلاف بہ آهي. ڪجهه عالمن شاهه لطيف جي رسالي ۾ مختلف سُرن لاءِ راءِ پيش ڪئي تہ اِهي سُر شاهه صاحب جا نہ آهن ۽ ٻين ڪجهه عالمن وري هي راءِ بيان ڪئي تہ اِهي شاهه صاحب جا پنهنجا بيت نہ آهن، اهو ئي سبب آهي جو شاهه جي رسالي جي مختلف شارحن ۽ محققن وٽ شاهه جي رسالي جي سُرن ۽ بيتن جو تعداد ساڳيو نٿو ملي.

هتي هيءَ ڳالهه بہ لکڻ لازمي آهي تہ شاهه لطيف پاڻ 'گنج' کي ڏسي خود تصديق ڪئي هئي تہ اِهو سندس پنهنجو ڪلام هو پر ڇا شاهه صاحب 'گنج' جي ترتيب سامهون اچڻ بعد، پنهنجو ٻيو نئون ڪلام چوڻ بند ڪري ڇڏيو هو ڇا؟ نہ، هرگز نہ، ضرور پنهنجو اظهار، پنهنجي ڪلام ذريعي بيان ڪيو هوندائين، ڇاڪاڻ جو اهڙن بزرگ شاعرن وٽ ڪلام پيش ڪرڻ، بيان ڪرڻ جو ڪو بہ وقت مقرر ڪونهي. تنهن ڪري 'گنج' بعد سندس چيل ڪلام ضرور ڪنهن نہ ڪنهن قلمي نسخي جي صورت اختيار ڪئي ، جيڪا اڄا تائين محققن، شارحن ۽ عالمن وٽ بحث هيٺ ۽ دلچسپيءَ جو باعث آهي.

شاهه لطيف جو وصال ١٧٥٢ع ۾ ٿيو هو، سندس وصال جي اٽڪل ١١٤ سال بعد ڊاڪٽر ارنسٽ ٽرمپ ١٨٦٦ع ۾ پهريون دفعو شاهه رسالو ڇپرايو هو، جنهن ۾ سُرن جو انگ ڇوويهه آهي. اهڙي طرح بعد ۾ هتان جي مڪاني محققن 'شاهه جو رسالو' جا نسخا ترتيب ڏئي ڇپرايا آهن. جنهن جو تفصيلي ذڪر هن طرح آهي:

١. ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، ١٨٦٦ع
٢. قاضي ابراهيم، ١٨٦٧ع
٣. تاراچند شوقيرام، ١٩٠٠ع
٤. مرزا قليچ بيگ، ١٩١٣ع
٥. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ٽي جلد : ١٩٢٣، ١٩٢٥، ١٩٣١ع
٦. محمد ابراهيم بختيارپوري، ١٩٣٤ع
٧. محمد عثمان ڏيپلائي، ١٩٥١ع

٨. خانبهادر محمد صديق، ١٩٥١ع

٩. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ١٩٥١ع

١٠. غلام محمد شاهواڻي، ١٩٥٠ع

١١. علامہ آءِ. آءِ قاضي، ١٩٦١ع

١٢. ڪلياڻ آڏواڻي، ١٩٥٨ع

١٣. محمد عالم سومرو (الف ب وار)، ١٩٩٤ع

١٤. گوهر عبدالغفار (ڏسٽي سميت)، ١٩٩٤ع

١٥. حاجي الهداد جهنجهي، ١٩٩٤ع

١٦. ممتاز مرزا (گنج) ، ١٩٩٥ع

١٧. سنڌالاجي ۾ موجود بريل تي رسالو

١٨. عثمان علي انصاري، ١٩٩٧ع

١٩. ڀانهون خان شيخ (ٽن جلدن ۾)، ٢٠٠٢ع [٢]

شاهہ صاحب جي ڪلام جي حوالي سان مختلف اديبن محققن ۽ شارحن مختلف ڪتاب تصنيف ڪيا آهن، جيڪي شاهہ صاحب جي حياتي ۽ سندس ڪلام کي سمجهڻ ۾ سولائي پيدا ڪن ٿا، جهڙوڪ: لال چند امر ڏني مل جڳتياڻيءَ جو ’شاهاڻو شاهہ‘ (١٩١٤ع)، ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جو ’لطيفي سير‘ (١٩٢٨ع)، محمد سومار شيخ جو ’لطيف جا ٽر تان ڀيرا‘(٢٠٠١ع)، ديوان تاراچند شوقيرام جو ’شاهہ عبداللطيف‘ ۽ ديوان صورت بهار جو ’جيون چرتر‘(١٩٣٧ع)، پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ جو ’شاهہ جون سُورميون‘ ، جيٺمل پرسرام گلراجاڻيءَ جو ’شاهہ جون آکاڻيون‘ (١٩٢٣ع)، مولوي غلا محمد خانزئي جو ’منهاج العاشقين‘ ، فارسي مان سنڌي ترجمو ڊاڪٽر دائود پوٽو ١٩٢٤ع ۾ ڪيو، مولانا دين محمد وفائي جا بہ ڪتاب ’لطف اللطيف‘ (١٩٥٠ع) ۽ ’شاهہ جو رسالي جو مطالعو‘ (١٩٦٢ع)، جي ايم سيد جو ’پيغام لطيف‘ ١٩٥٢ع، مير عبدالحسين خان سانگيءَ جو فارسيءَ ۾ ’لطائف لطيفي‘ (١٨٧٧ع)، ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو ’شاهہ لطيف جي شاعري‘ ٽن جلدن ۾ ١٩٧٦، ١٩٨٥ع، ۽ ١٩٩٥ع، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جو ’ڪنزاللطيف‘ (١٩٦١)، مرزا قليچ بيگ جو ’احوال شاهہ عبداللطيف‘ ۽ ٻين گهڻن محققن، عالمن ۽ شارحن شاهہ صاحب جي حياتيءَ ۽ سندس ڪلام بابت پنهنجون





سهڻيون ڪاوشون پيش ڪيون آهن.

’شاهہ جو رسالو‘ سڀ کان پهريون منظر عام تي آڻڻ وارو ارنيسٽ ٽرمپ جنهن ١٨٦٦ع ۾ جرمنيءَ جي ’لپسيا‘ (هاڻوڪو: ليپزگ) شهر مان شايع ڪرائي پڌرو ڪيو، جنهن لاءِ ڪيس برطانيہ سرڪار طرفان مالي امداد حاصل هئي. گهڻ رقم هڻڻ ڪري ڪيترا سُر پنهنجي ڇپيل نسخي ۾ درج ڪرائي نہ سگهيو. سندس ڇاپي ۾ رڳو چويهہ سُر شامل ٿي سگهيا. ارنيسٽ ٽرمپ صاحب کي بہ عمدا جهُونا قلمي نسخا هٿ چڙهيا هئا، جن کي ڪنهن هوشيار سنڌي جي مدد سان صحيح ڪري، اهو نسخو ترتيب ڏنو هئائين. هن نسخي جي وڏي خوبي اها آهي تہ، هن ۾ درج ٿيل وايون، سڀ شاهہ جون پنهنجون آهن پر ان جي باوجود ان ۾ ڪي خاميون رهجي ويون آهن. صورتخطي نہ اصلوڪي ۽ نہ آهي هاڻوڪي، پر سندس پاڻ ترتيب ڏنل ۽ ٻيو تہ اڄار ١٨٦٦ع وارا اختيار ڪيا واو آهن. ڪٿي ڪٿي پڙهڻيون پڻ بدلايون ويون آهن.

’شاهہ جو رسالو‘ جو ٻيو هڪ سنگي ڇاپو، قاضي ابراهيم، بمبئي مان ١٨٦٧ع ۾ شايع ڪرايو، هن شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ ڪجهہ ڦڪو ڪلام سهيڙيو ويو آهي. هن نسخي جي باري ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو تہ: ”هن ڇاپي جهڙو ردي نسخو ڪڏهن هٿ نہ ايندو. سنڌ ۾ جيڪو بہ ڪن ڪچري جهڙو ڪلام، جو شاهہ جي نالي ڳائيندا آهن يا جيڪي بيت مسخرا مجلس ۾ راند وجهندي چوندا ويندا آهن وغيره، سي سڀ ڪنهن تميز جي، منجهس ٿڦيا ويا آهن.“[٣] اٽڪل ٽيٽيهہ سالن بعد سن ١٩٠٠ع ۾ سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي پاران موجوده مروج صورتخطي ۾ ’شاهہ جو رسالو‘ ڇپرايو ويو، هن ۾ بہ ڪي خاميون رهجي ويون آهن. هن ۾ ٻين سگهڙن جو ڪلام بہ اچي ويو آهي. ان رسالي ۾ شاهہ جي دؤر وارو تلفظ بدلائي ان کي عام لباس پهرايو ويو آهي.

١٩١٣ع ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي نامور اديب، شاعر ۽ محقق شمس العلماءِ مرز اقليچ بيگ ’شاهہ جو رسالو‘ جو قلمي نسخو ترتيب ڏنو، هن صاحب سرڪاري ڇاپي (١٩٠٠ع) ۾ جيڪي بمبئي واري ڇاپي (١٨٦٧ع) وارا ڇڏيل بيت هئا، شامل ڪري موجوده صورتخطيءَ ۾ سٺيهہ سُرن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن صاحب جي ترتيب ڏنل نسخي ۾ بمبئي واري سنگي ڇاپي ۽ سرڪاري ڇاپي وارين سيني اوڻاين سان گڏ، ان ۾ ڇپائيءَ جون نهايت گهڻيون چُڪون رهجي ويون آهن. ١٩٣١ع ۾ مولوي محمد ابراهيم

بختيارپوريءَ، قليچ بيگ صاحب جي هوبهو سنگي ڪاپي، عباسي لٿو پريس مان ڇپرائي پڌري ڪئي، جنهن ۾ بہ ساڳيون خاميون رهجي ويون آهن. ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ گهڻي محنت ۽ جفا ڪشي بعد ۱۹۲۳ع، ۱۹۲۵ ۽ ۱۹۳۱ع ۾ شاھ جي رسالي جا ترتيبوار ٽي جلد معنيٰ، شرح ۽ سمجهاڻيءَ ۽ پيرائتي مقدمي سميت شايع ڪرايا. ٽن جلدن ۾ رڳو سترهن سُر اچن ٿا پر پوءِ بہ پورو ڪلام نہ اچي سگهيو. چوٿون جلد ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ترتيب ڏئي ڊاڪٽر داؤد پوٽي جي حوالي ڪيو هو پر اهو ندس ديهانت ڪري وڃڻ سبب شايع ٿي نہ سگهيو.

عام طرح رواجي ’شاھ جو رسالو‘ جي نسخن ۾ ستٽيھ سُر آهن، جنهن مان ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ هيٺين ڇهن سُرن کي ڌاريو ڪلام سمجهي ترڪ ڪرڻ جو خيال ’مقدمہ لطيفي ۾ ڪيو آهي. غلام محمد شاهواڻي لکي ٿو تہ: ”(۱) سُر بيراڳ هندي، (۲) سُر هير رانجهو، (۳) سُر برؤو سنڌي، (۴) سُر ڍول مارئي، (۵) سُر ڏناسري، (٦) سُر بسنت. مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب ’احوال شاھ عبداللطيف‘ ۾ سر بيراڳ، هير رانجهو، ڍول مارئي، سر سنڌي بروو ڇوٽڪو، کي ڌاريو ڪلام مڃيو آهي.. انهيءَ حساب سان بہ، باقي شاھ جا مرتب ڪيل اڪٽيھ سُر ٿيا.“[۴]

ڊاڪٽر گُربخشاڻي ڪانپوءِ بہ ’شاھ جو رسالو‘ جا نسخا ڇپجي پڌرا ٿيا آهن ۽ مختلف شارحين ۽ محققن مقدما لکيا آهن. شاھ جي رسالي ۾ جيڪي سر ڏنل آهن تن جا نالا يا عنوان گهڻو ڪري منجهن شامل مضمون ۽ موضوع مطابق آهن، ۽ ڪي وري مختلف راڳن ۽ راڳڻين جي نالي سان منسوب آهن.

هندستاني موسيقيءَ جي علم موجب ڇھ وڏا راڳ آهن. هر هڪ راڳ کي پنج زالون آهن، اٺ پٽ ۽ اٺ ڏيئرون آهن. وڏن راڳن مان فقط ’سري راڳ‘ شاھ لطيف جي ڪلام جي هڪ سُر تي نالو رکيو ويو آهي ۽ باقي ٻيا نالا فقط راڳڻين جا آهن. ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر لکي ٿو تہ: ”شاھ عبداللطيف جي سوانح عمريءَ کان علاوه ٻيو جيڪو ٿورڙو گهڻو ڪم ٿيو آهي، اهو آهي سندس ڪلام جا مختلف نسخا، جيڪي مسلمانن توڙي هندو محققن، پنهنجي پنهنجي مرضيءَ ۽ منشا مطابق تيار ڪرايا.“[۵]

شاھ عبداللطيف ڀٽائي نہ رڳو سنڌي ٻوليءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي. پر شاھ صاحب جو هر هڪ سُر، الاهي عشق جو دفتر ۽ خدا شناسيءَ جي سبقن سان مالا





مال پڻ آهي، سندس بيت ۽ شاعري، عشق الاهي ۽ معرفت الاهي جون آيتون آهن. شاھ جي ڪلام ۾ مائيدار ۽ عميق خيال سمايل آهن ۽ معنيٰ توڙي مفهوم جي لحاظ کان شاھ جو ڪلام تمام عمدو ڪلام آهي. بيتن کان سواءِ هر هڪ داستان جي پڇاڙيءَ ۾ وائي اچي ٿي. شعر جو هيءُ نمونو سنڌ ۾ هلندڙ هو، جو ڀَٽَ فقير ڳائيندا هئا، انهن کي ’لوڙائو‘ چوندا آهن. هندستاني راڳي ڪافي، غزل يا ٺمري ڳائڻ کان اڳي ڏوهيڙا ڏيندا هئا، هيءَ طريقو سنڌ وارن بہ اختيار ڪيو آهي، هو ڏوهيڙا ڏيئي يا لوڙائو ڏيئي راڳڻي ٻڌي، بعد ۾ وائي يا ڪافي چوڻ لڳا ۽ اهو سلسلو اڄا تائين سنڌ ۾ مروج آهي.

محاڪات جي معنيٰ آهي، ڪنهن شيءِ، حالت يا ڪيفيت جو اهڙيءَ ريت بيان ڪرڻ جو انهيءَ جي تصوير پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جي اکين اڳيان تَري اچي. مطلب تہ محاڪات، لفظن ۾ تصوير ڪشيءَ جو فن آهي ۽ تخيل ايجاد واري قوت آهي. هي ٻئي عنصر جڏهن گڏجي شاعري ۾ پيش ٿين ٿا تہ ٻڌڻ وارن جي دل ۽ دماغ ۽ جذبات تي اثر ڪن ٿا. شاھ صاحب جي ڪلام ۾ اهي ٻئي خوبيون وڏ کان وڏ ملن ٿيون. شاھ انهن محاڪات جو ماهر آهي. ٿرن ۽ برن، ڏکن ۽ ڏونگرن، ڏاگهن ۽ ڏيرن، درياءِ ۽ سمنڊ جي خطرن بادلن ۽ وِڄن، وٽن ۽ ولين مُندن ۽ موسمن وغيره قدرت جي منظرن جون اهڙيون تہ دلڪش نموني تصويرون ٿو پيش ڪري جو ٻڌندڙ کي پاڻ ڏانهن راغب ٿو ڪري. ان کان علاوه شاھ جي ڪلام ۾ جماليات، بلاغت، جدت، سلاست ۽ فصاحت جي رواني ملي ٿي. تشبيهون ۽ استعارا انيڪ ملن ٿا. شاھ جو ڪلام مختلف تجنيس، تضاد، الف ونشر، ايهام، مراعات نظير، مجاز مرسل جهڙين خوبين سان مالا مال هئڻ جي ڪري، کيس سنڌ جي شاعرن جو سرتاج سڏيو وڃي ٿو.

مٿي ڄاڻايل قلمي نسخي جو جائزو وٺڻ سان معلوم ٿو ٿئي، تہ هن قلمي نسخي ۾ ڪٿي بہ ڪنهن بہ لفظ جي معنيٰ نہ ڏني وئي آهي. ڪنهن بہ بيت جي نہ وري تشريح ڪئي وئي آهي، حاشيو توڙي مقدمو نہ لکيو ويو آهي. شاھ جي سوانح عمريءَ بابت بہ ڪو ذڪر نہ ڪيو ويو آهي. هڪ سُر پويان ٻئي سُر کي لکيو ويو آهي، ۽ نہ وري ڪنهن سُر جو تعارف لکيو ويو آهي. هر سُر ۽ داستان جي شروعات ۾ ’بسم اللّٰه الرّحمٰن الرّحيم‘ لکي وئي آهي، ۽ داستان کي ’داستانون‘ لکيو ويو آهي. ساڳئي صفحي تي هڪ داستان جي پڇاڙي لکي، ٻيو داستان شروع ڪيو ويو آهي.

### هن قلمي نسخي جي ٻولي ۽ لهجو:

قلمي نسخي جي ٻولي عام طرح سان سنڌ جي وچولي ۽ لاڙي لهجي واري آهي. ڪن سُرن ۾ فارسي ۽ سرائڪي به استعمال ڪئي وئي آهي، جنهن لاءِ اڪثر محققن جو نظريو آهي ته اهي سُر شاهه صاحب جا پنهنجا نه آهن. هن قلمي نسخي ۾ لکڻي يا صورت خطي اڄوڪي سنڌي رسم الخط کان ڪجهه مختلف آهي، جنهن لاءِ انهن مان هي نمونا هيٺ بيان ڪجن ٿا.

| قلمي نسخي جي صورتخطي | هاڻوڪي صورتخطي |
|---|---|
| جَني | جنهن |
| سيج | سيج |
| داستانون | داستان |
| ڪِيَءِ | ڪَيئه |
| ڪِينَ ڪِي | ڪِينڪي |
| تَني | تَنهِين |
| لَئي | لاءِ-لئه |
| گهڏي | گڏي |
| تيندُءِ | تيندُئي |

هن قلمي نسخي ۾ ڪي لفظ اهڙا به استعمال ڪيل آهن جيڪي اڄڪلهه جي ڳالهائي ويندڙ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن کان ڪي مختلف آهن. انهن مان ڪجهه هيٺ نموني طور ڏجن ٿا.

| قلمي نسخي ۾ استعمال ٿيل صورت | هاڻوڪي صورت |
|---|---|
| ڪريندي | ڪندي |
| تَڻ | تن |
| سُٽي | ٻڌي |
| عاسقن | عاشقن |
| رُون | روئن |





| | |
|---|---|
| تا نَه | تان نَه |
| هَي هَي | هاءِ هاءِ |
| پَتار | پوتار |
| ضاع | ضايع |
| نا ته | نَه ته |
| ڪاند | ڪانڌ |

هن قلمي نسخي جي مختلف سُرن ۾ ڪِٿي ڪِٿي سرائيڪي ٻولي جا لفظ استعمال ڪيل آهن. جيئن سُر يَمن جي داستان چوٿين جي بيت نمبر ٻئي ۾ هن طرح استعمال ٿو ڪري ته:

ايڪ پيالو به جهٽا عشق نه ايئن ڪري،
آتي سيق ايڪ تيا ڪِتا نينهن ڳري،
دُئي ڏار ڏري، خلعت خنجر آئيو.
(جلد پهريون،ص: ۴٧)

ليڪ ڏنل لفظ سرائيڪي جا آهن ڪٿي ڪِٿي ته مختلف سُرن ۾ مڪمل طرح سان سرائڪيءَ بيت ملن ٿا، سُر ڪلياڻ جي پهرئين نمبر داساتن ۾ بيت نمبر اٺاويهه هن طرح ملي ٿو.

سائي صِپرت عَين ڪي سائي صُورت غَين،
ثمن نقطا دُور ڪرو ته اوءَ عَين ڪِي عَين.
(جلد پهريون، ص: ٠٧)

مختلف داستانن ۾ بيتن پٺيان ڪي وائيون به مڪمل طرح سرائڪيءَ ۾ ڏنل آهن. جهڙوڪ سُر ڪلياڻ جي داستان نمبر هڪ ۾ به وائيون سرائڪيءَ ۾ آهن. ان کان علاوه سُريمن ڪلياڻ جي داستان نمبر ڇهون ۾ به به وائيون آهن.

سرائڪي ٻولي کان علاوه ڪن سُرن ۾ ڪي بيت بلوچي ٻوليءَ ۾ به ملن ٿا، جهڙوڪ:

بُرو فاذا باتِ جن جي ٹانگ روان تِيشي،
ڏين پاريسيون پاڻ ۾َ ايزان بِل ايشي،
ليڙا رات لطيف چئر نذائون نيشي،

پُنهون پَر وِيشي، ڪَج پِيادِن جي پنڌ ۾.

(سُر ديسي: داستان چوڏهون، بيت ٣، جلد پهريون ص: ٥٦٨،٥٧٧)

ساڳئي جلد ۾ داستان ۾ بيت نمبر ۴ هن طرح بلوچي ڳاڙ بيت ملي ٿو.

بُرو بِگيرَ دُبي رَوان شَنگ رَوان شَيزن،

حُب تغان پورب تَغان لعل مَنجهان لوغان،

ناحق سين نيزان، ڏيجُ پارنيو پرين ڪي.

(جلد پهريون، ص: ٥٦٨)

سُر ڍول مارئي ۾ چويهه بيت ۽ ٻه وايون آهن، جنهن ۾ هندي ڳاڙ ٻولي استعمال ٿيل آهي. هِن سُر لاءِ اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي تہ هيءُ سُر شاهه صاحب جو پنهنجو نہ آهي، نموني طور بيت پيش ڪجن ٿا:

اتر واءُ ڪِوندي پَهلي موسم مِينهن،

پالا پڻ رو نينهُن، والا جِم وِسارئين.

(بيت نمبر ١، جلد ٻيو، ص: ٨٩۴)

اري ڍولا مارئي ، اي سي پاتلي جيسي رين ڪجُور،

مُنهن مِيني ڳُڻ ڳوني تو ڪيئَن چڏي ڏُور.

(بيت نمبر ١٧، جلد ٻيو، ص: ٨٩٧)

سُر هِير رانجهو ۾ ٽي داستان، ستونجاهه بيت ۽ اٺ وايون آهن. هي پُورو سُر سرائيڪيءَ ۾ چيل آهي. هن سُر لاءِ ساڳي روايت آهي، تہ هيءُ سُر بہ شاهه صاحب جو پنهنجو نہ آهي، بلڪ ڪنهن ٻئي ڏارئي شاعر جو آهي، هن سُر مان ڪجهه بيت نموني طور پيش ڪجن ٿا:

رانجهن والا زَهر پيالا مَينون ڳُجهڙي آئي ياچي،

ماءُ پيءُ ڪَنون چوري پيتم ڪيتم روح راضي،

دِل دي قضا دِل چاٽي تون ڪِيا چائين قاضي.

(داستان پهريون، بيت نمبر١، جلد ٻيو، ص: ٩٠٠)

هڪ ٻئي بيت ۾ هن طرح بيان ٿو ملي تہ:

جَنهن ڪُون هڪواري يار سڏيجي تنهندي مُول نہ ڪيجي گلا،





سَڄڻ هو وي قِرَ دُشمن ٿيوي ، تنهنڪون پيش نہ آئين الله،

بي قدران دي ياري ڪَنو جيوين گوشا تيوين پلا.

(داستان پهريون بيت نمبر ١٦، جلد ٻيو ص ٩٠٣)

جلد ٻئي ۾ سر برؤو هندي ڏنل آهي، هن سُر ۾ ڪل ڇهه داستان آهن ، بيتن جو ڪل تعداد هڪ سو پنجيتاليهه (١۴٥) ۽ وائين جو ڪل تعداد اٺ آهي. هن سُر ۾ شروع وارا پنج داستان هنديءَ ۾ آهن. داستان نمبر ٽئين ۾ ڪبير جي نالي سان بيت ملن ٿا. هن مان هيءَ ڳالهه نروار ٿي ٿئي تہ هي سُر شاهه لطيف جو پنهنجو نہ آهي، بلڪ هندي ٻولي جي ويدانتي شاعر ڀڳت ڪبير جو آهي، نموني طور ڪجهه بيت هيٺ ڏجن ٿا:

حد حد چلي سيڪو بيحد چليا نہ ڪو،

بيحد ڪي ميدان ۾ ڪڙا ڪبيرا رو.

(بيت نمبر ١٠، داستان نمبر ٽيون، ص ٦٨٧، جلد ٻيو)

دادو دعويٰ چوڙي هووي خير ڪا خير،

نہ ڪِسي ڪي دوستي نہ ڪِسي ڪا وير.

(بيت نمبر١٠، داستان نمبر چوٿون، ص ٧٧١، جلد ٻيو)

داستان ڇهين ۾ پارسي مثنوي جي عنوان سان آهي، هن ۾ پنجٽيهه بيت ۽ ٻہ وايون آهن. هڪ وائي فارسي ۾ آهي تہ ۽ ٻي وائي سنڌيءَ ۾ آهي. نموني طور چند بيت پيش ڪجن ٿا:

ڪيف مَدَ الظّلَ نقش اوليا،

گو دليل نورِ خورشيد خُدا.

(بيت نمبر٠٩، داستان ڇهون، ص ٧٨٣، جلد ٻيو)

ترجمو: اوليا جي قدمن جو پاڇو ڪيترو ڊگهو آهي؟ ائين ڇَئو تہ الله تعاليٰ جي سچ جي نور جو دليل آهي.

مَسجدي ڪہ اندر دروني اوليا است،

سَجدي گاهي جملہ آن جائي خُدا است،

(بيت نمبر ١٧، داستان ڇهون، ص٧٨٥، جلد ٻيو)

ترجمو: منهنجي مسجد اوليا جي دل جي اندر آهي، منهنجي سجدي جي جڳهه اهي سڀ الله وارا آهن.

سُر سيراج ۾ هڪ داستان، چار بيت ۽ هڪ وائي شامل آهن. هن سُر ۾ چارئي بيت ته سنڌي ۾ آهن پر وائي فارسي ۾ ڏنل آهي. سُر ڪانرو ۾ هڪ داستان، ٻه عدد بيت ۽ هڪ وائي شامل آهي، ٻئي بيت ۽ وائي هندي ۾ آهن. هڪ بيت نموني طور ڏجي ٿو.

راڳان ڪي پت ڪانرا ڏرتي ڪي پت اندر،
مَردان ڪِي پت شاهه مردان تاران ڪي پت چندر.
(بيت نمبر۱، داستان نمبر۱، ص ۱۲۰۰، جلد پيو)

سُر ڪنوري ۾، هڪ داستان، چار بيت ۽ هڪ وائي آهي، هن ۾ ٻه سڀ بيت ۽ وائي هندي ۾ ملن ٿا. نموني طور هڪ بيت ڏجي ٿو.

ڪنوري ذات برهمڻ ڪي دو ڦلان ڪاپاءِ،
پاٽان جَيسي پا تلي هاٿ لڳي مَرجاءِ.
(بيت نمبر۱، داستان نمبر۱، ص ۱۲۰۱، جلد پيو)

سُر ڏناسريءَ ۾، چار داستان ، ايڪهتر بيت ۽ يارهن وايون آهن. سڀ وايون سرائيڪيءَ ۾ آهن، بيتن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا:

توتي لڄ لطيف ، هن منهنجي حال جي،
ڪينهنين پيا قريب، ڏاران تو دوست مُون.
(بيت نمبر۱، داستان پهريون، ص ۱۳۹۴، جلد پيو)

سيد پيُر سمند هَي انت نه ڃاٽي ڪو،
ڦِرڦِر شيوا جو ڪري، ماڻڪ پاوي سو.
(بيت نمبر۱۶، داستان ٽيون، ص۱۴۰۸، جلد پيو)

هن قلمي نسخي جي آخر ۾ جلد ٽئين ۾ سُر بسنت ڏنل آهي، سُر بسنت ۾ هڪ داستان، ڏهه بيت ۽ هڪ وائي ملي ٿي. بسنت سُر ۾، بهار جي موسم ۽ گلن ڦُلن جو ذڪر ملي ٿو. هن سُر لاءِ ٻه محققن اها راءِ پيش ڪئي آهي ته هيءُ سُر ٻه ڏاريو آهي. هن سُر ۾ ٻه سنڌيءَ سان گڏ ڪي بيت سرائيڪيءَ ۾ ملن ٿا. انهن مان نموني طور ڪجهه هيٺ پيش ڪجن ٿا:

اُڏهيا اوڏاڻ، رُت رَساٽي سڄٽين،
لڳي واءُ وٽن ڪي ڇَٽيا پن پُراڻ،





پَهريائي پهرياڻ، سُڪائي ساوا ٿيا.
(بيت نمبر۰۶، داستان پهريون، ص ۱۴۸۵، جلد پيو)

آئي بَهار بَسنت ڪِي ڪڙيا ڪٽٺهار،
اُٿي ڳُوري ويس ڪَر آئي بَسنت بَهار.
(بيت نمبر۱، داستان پهريون، ص ۱۴۸۴، جلد پيو)

## حوالا


۱. گُربخشاڻي، هوتچند مولچند، پروفيسر، (۱۹۹۳ع)، ’مقدمہ لطيفي‘ ،سنڌ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ص: ۱۹۹.

۲. جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، (۲۰۰۴ع) ’سنڌي ادب جي تاريخ‘ ، (جلد پهريون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ص: ۱۳۸-۱۳۷.

۳. گُربخشاڻي، هوتچند مولچند، پروفيسر، (۱۹۹۳ع)، ’مقدمہ لطيفي‘ ، سنڌ روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ص: ۱۰۵-۱۰۴.

۴. شاهواڻي، غلام محمد،(۲۰۱۲ع)، ’شاهه جو رسالو‘ ، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ص: ۵۸.

۵. سودر، شاهنواز، ڊاڪٽر، (۱۹۹۱ع)، ’سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف‘ ، سنڌي شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه حيدرآباد، ص:۲۲.


(**نوٽ:** راقم کي هي قلمي نسخو، اُستاد محبوب علي ڊڪڻ، ريٽائرڊ ايجوڪيشن آفيسر، تعلقہ ڏهرڪي، ضلعي گهوٽڪي واري جي ٿورن سان هَٿ آيو. جنهن پنهنجي مُرشد پير سيد غلام شاهه مرحوم ولد مرحوم سيد علي بخش شاهه کان گهڻن سالن جي ڪوشش بعد هن شرط تي ورتو هو، ته نسخي جي فوٽو ڪاپي ڪرائي اصل قلمي نسخو کيس واپس ڪيو ويندو.)